ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**



ڊاڪٽر ذوالفقارعلي جلباڻي
اسسٽنٽ پروفيسر گورنمينٽ (بوائز)، ڊگري ڪاليج محرابپور،
ضلعو نوشهروفيروز، سنڌ

# سنڌي ٻوليءَ تي ڪيل تحقيق جو مختصر جائزو

**Dr. Muhammad Anwar ``Figar´´ Hakro**
**Dr. Zulfiqar Ali Jalbani**
Assistant Professor, Govt (Boys) Degree College, Mehrabpur,
District Naushehro Feroze Sindh.

## A Brief Review of Research on the Sindhi Language

The information obtained from the historical study of various Sindhi literatures which has been repeatedly presented in our Sindhi language. Sindhi language researchers have not made any personal and final opinion regarding history. To date, only a few books and articles have been written. Researchers working on Sindhi language standards including Kako Beheromal Meharchand Advani, Mirza Qaleech Baig, Dr. Umar Bin Muhammad Daudpota, Dr. Abdul Jabbar Junejo, Dr. Murli Dhar Jaitley, Prof. Ali Nawaz Jatoi, Dr. Nabi Bakhsh Khan Baloch, Siraj ul Haq Memon and Dr. Muhammad Qasim Bughio` of all, Dr. Fahmida Hussain's research is the most unique. Because she has knowledge of computational linguistics on the Indus Script computer monitoring list, she has been translating research articles of Finland, Russia, USA and Indian languages into Sindhi which is a comprehensive work on the history of Sindhi language.

**Keywords:** *Society, Culture, Communication, Ideas, Language, Moral Principles, Findings, Express.*

ٻولين جي تاريخ، وجود، بنياد ۽ ارتقا بابت سوين عالمن جا نظريا ملن ٿا، ليڪن انساني عقل جڏهن سوچي ٿو، ته ٻوليون ڪيئن وجود ۾ آيون اُنهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ جو آسان جواب هي آهي ته، انسان ناطق آهي جيڪو پنهنجي حواسن سان سوچي سمجهي ٿو. سندس ڳالهائڻ جو لاڳاپو جن عضون سان جڙيل آهي سي آهن: دماغ، دل، زبان، نڪ، ڪن ۽ اکيون جن سان انسان محسوس ڪري، ڳالهائي، سنگهي، ٻڌي ۽ ڏسي ٿو. مذڪوره عضون ۾، انساني دماغ هڪ اهڙو عضوو آهي جيڪو هروقت وهڪري ۾ رهندو آهي جو اُن ۾ ڪڏهن به خاموشي نه ٿي اچي. هڪ انسان ٻئي انسان کي ڏسي چوي ته، ”هي خاموش آهي“ سو اهو

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ جو ظاهري طور انسان پلي ڪٿي خاموش ڏسڻ ۾ ايندو آهي پر حقيقت ۾، سندس ذهن متحرڪ هوندو آهي. انساني ذهن سوچڻ ويچارڻ، عمل ۽ ردعمل ڪري ڏيکارڻ جو هڪ جسم ۾ اهڙو اوزار آهي، جنهن جي عمل ۽ ردعمل ڏيکارڻ ڪري اڄ تائين لکين ڪروڙين ايجادون ٿيون آهن ۽ ٿينديون رهن ٿيون. انساني عقل ڏٺل يا اڻ ڏٺل شين کي نالا ڏئي وٺندو آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”ڪنهن به سماجي گروهه ۾ هڪ ٻئي سان تعاون لاء انسان ذات جي وات مان نڪتل آوازن جي سرشتي کي ’ٻولي‘ سڏجي ٿو. لسانيات جي جڳ مشهور آمريڪي ماهرن بلاڪ ۽ ٽريگر(Block &Tagger) جي ڏنل وصف به مٿينءَ وصف سان ٺهڪي ٿي اچي. هو لکن ٿا ”Language is a system of arbitrary vocal symbols by means of which a social group co - operates.” (الانا: ١٩٩٥، ١)

هن وقت دنيا ۾ لڳ ڀڳ ست هزار ٻولين ڳالهايون وڃن ٿيون اُهي ست ئي هزار ٻوليون ڪيئن جڙيون آهن اُن جا ڪهڙا اسباب ٿي سگهن ٿا؟ راقم الحروف جي مطابق انهيءَ لاءِ سيني وٽ هڪ ئي جواب هوندو ته، سالم دماغ هزارين حيرت ۾ وجهڻ جهڙا ڪم پئي سرانجام ڏنا آهن، نه رڳو اهو پر اسان جا ڪن، اکيُون ۽ دل به انهيءَ جا مددگار آهن، انهن جي سالميت کان سواءِ دماغ جو چارو نه هلي سگهندو. گونگي جي به اشارن واري ٻولي آهي، ۽ هڪ اکيُن کان ٻي نور انسان جي به ٻولي آهي جيڪو سندس معاشرو ڳالهائي ٿو، توڙي جو هن کي فطرت ۾ موجود شين جا خاڪا ذهن ۾ محفوظ نه هوندا آهن جيئن اکين واري کي، پر شين جي ذائقي جي هن کي خبر هوندي آهي ته، انب، ليمي، نارنگي يا ڏهيءَ وغيره وغيره جو ذائقو ڪهڙو آهي؟ پر جيڪڏهن ڪو انسان ڪنن، نڪ، دل، اکين ۽ سالم دماغ کان محروم هجي ته، اهو اظهاري نه سگهندو آهي پر ان جي دماغ ۾ مانڊاڻ هوندو آهي. سالم انسان جا تجربا، مشاهدا، فطرت ۾ موجود شين تي نگاهه جو پوڻ، سج جو اپرڻ لهڻ، رات ۽ ڏينهن جو ڦيرو، گرم سرد هوائون، موسمن جون تبديليون، جبل، نديون، درياءَ، سمنڊ، ميوا، گل، ٻوٽا، جانور ۽ پکي تن تي سوچڻ ويچارڻ ۽ اُنهن کي نالا ڏيڻ ئي زبان جو ڪم آهي، جنهن کي عرف عام ۾ ٻوليءَ جو نالو ڏنو ويو آهي. زبان مان نڪتل نالو پنهنجي گهر، پاڙي، ڳوٺ ۽ شهر تائين ڦهلبو آهي ۽ ايئن هرڪنهن ٻوليءَ جو پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ بنياد پيو هوندو ۽ اهڙي طرح سنڌي ٻوليءَ جو وجود به، سنڌ جي سرزمين جي خمير مان تيار ٿيو آهي.

”ٻولين جي ابتدا لاءِ هڪ رايو هيءُ آهي ته انسان ذات جيڪا ٻولي ڳالهائي ٿي، تنهن جي ابتدا تڏهن کان ئي ٿي هئي، جڏهن کان ابتدائي انسان،

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

فطرتي طور ڳالهائڻ يا نقل ڪرڻ (imitate) شروع ڪيو هو. هن اُهي آواز اُچارڻ شروع ڪيا، جيڪي سندس ماحول ۾، فطرتي طور، ان وقت موجود هئا. فطرتي آوازن ۾، پکين جو لاتيون، دريائن، ندين، نالن ۽ چشمن جي پاڻيءَ جي وهڪري جي ڳڙ ڳڙ ۽ شرشر، هوا جي سرسر، ڪکرن جي ڪڙڪڙ، جيتن جي چرچر، جانورن جي برڙ، ۽ اهڙيءَ طرح ڪائڻ پيئڻ ۽ ڪنگهڻ وغيره جا آواز به هن دائري ۾ داخل ڪري سگهجن ٿا.“ (الانا:٢٠٠٦، ٩)

جيئن ته، ٻوليءَ جو خالق عوام هوندو آهي، پر ٻوليءَ جا قاعدا ۽ قانون ڏاها ۽ عالم مقرر ڪندا آهن. اُهي عالم ۽ ڏاها زبان جي تراش ڪراش ڪري اکرن، لفظن، جملن جي جڙاوت، ٻولي جي تاريخ بابت معلومات ڏيندا آهن ته، ڪلاڻي دور ۾ ٻوليءَ جو استعمال عوام هن طرح ڪيو وغيره وغيره. اسان جڏهن سنڌي زبان جي تاريخ ۽ ادب جو مطالعو ڪريون ٿا ته، انهيءَ لاءِ سنڌجي سماجي حالات کان ويندي سياسي حالتن ۽ عوام جي ميل ملاقاتن ۽ رابطن ڪمن ڪارن، اٿڻي ويهڻي، رسمن رواجن جو به مطالعو ڪرڻ لازم امر ٿئي ٿو.

**سنڌي ٻوليءَ جا محقق**

سنڌي زبان جي تاريخ ۽ ادب بابت جن عالمن جون تحقيقون اول درجي جي حيثيت رکن ٿيون تن ۾، ڊاڪٽر آنيسٽ ٽرمپ، ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، شمس العلماء عمر بن محمد دائود پوٽو، پروفيسر علي نواز جتوئي، سراج ميمڻ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، محمد ابراهيم جويو، پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر محمد عمر چنڊ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر چيتو لالواڻي، ڊاڪٽر فهميده حسين، پروفيسر محمد سليم ميمڻ، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو نج لسانيات جا ماهر آهن جن سنڌي ٻوليءَ بابت جيڪا تحقيق پيش ڪئي آهي تنهن ۾ هڪ خالصپڻو نظر اچي ٿو. ڇاڪاڻ جو مذڪوره عالم عربي، فارسي، سنسڪرت، ديوناگري ۽ انگريزي ٻولين جي قائدن ۽ اصولن جي معلومات رکن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جو ناميارو محقق، نقاد ۽ استاد ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته: ”هن وقت تائين سنڌي زبان جي اصل نسل ڄاڻڻ لاءِ ماهرن جيڪا جاکوڙ ڪئي آهي ان ڪي جيڪڏهن حتمي ۽ فيصله ڪُن نه چئجي ته به ماهرن ڪي ڀيرن جي تلاش جي جذبي جو داد ڏيو. گمان آهي ته عيسوي سن جي ابتدا جي آس پاس سنڌي يا سنڌي زبان موجود هئي جنهن کان پوءِ موجوده سنڌيءَ جي صورت اختيار ڪئي. عرب سياحن ان ڪي سنڌي زبان سڏيو آهي. بشاري المقدسي ۽ الاصطخريءَ (١٠ _ ٩ صدي عيسوي) جي تحريرن مان اهو ڄاڻائجي ٿو ته سنڌي عام ڳالهه ٻولهه جي زبان هئي. اِن لحاظ سان سياحن جي اچڻ کان گهڻو اڳ ان

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

صورت ۾ موجود هوندي. سومرن جي صاحبيءَ (١٣٥٠ _ ١٠٥٠ع) ۾ سنڌي شعر به ميسر ٿيا.“ (جوڻيجو: ٢٠٠٩، ١٩)

سنڌي ٻولي جيڪو صدين جو سفر طئي ڪري اڄوڪي صورت ۾ پهتي آهي، انهيءَ پٺيان هڪ وڏي تاريخ آهي انهيءَ تاريخ بابت ڪيترن ئي عالمن، اديبن ۽ محققن جا جدا جدا رايا ملن ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر جميل جالبي جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته: ”زنده زبان، خيالن ۽ احساسن جي هڪ اهڙي نظام کي جنم ڏيندي آهي، جنهن جي مدد سان زبان جو تعلق، معاشري جي مختلف طبقن سان يڪسان ٿي... اُن ۾ تعليم يافته، غير تعليم يافته،، ادنيٰ ۽ اعليٰ، ننڍا توڙي وڏا سڀ پاڻ ۾ ملي، هڪ ٿي، پنهنجي پنهنجي ضرورتن ۽ صلاحيت جي مطابق شريڪ ٿي وڃن ٿا.“ الانا، ٢٠٠٦ع: ٦)

سنڌي زبان به، پنهنجو ارتقائي سفر پنهنجي ماحول مطابق جوڙيندي اڳتي وڌندي رهي آهي. سنڌي زبان جي تاريخي سفر بابت جيڪي لکتون آڏو اچن ٿيون تن جي سوجهري مان معلوم ٿئي ٿو ته، ڪن لکتن جي بيان ۾ چٽائي آهي ته، ڪنهن جي بيان ۾ ڌُنڌلا عڪس نظر اچن ٿا، ڌُنڌلا عڪس اِن ڪري چوان ٿو جو اُن مٿان ڪيئي تهہ چڙهيل آهن جن کي اجان تائين چنڊيو ڦوڪيو نه ويو آهي. عوام جي ذاتي تجربن مان ٻوليون اسرنديون آهن پر ٻولين کي علمي، ادبي ۽ فني روپ عالم ڏيندا آهن. انسان جي پيدا ٿيڻ سان ئي ٻولي پيدا ٿيندي آهي ۽ پوءِ انهيءَ کي لکت واري صورت ملندي آهي.

”ٻوليءَ جو علم هڪ سائنس آهي. هيءَ سائنس، سماجي علمن ( Social Science) سان واسطو رکي ٿي. ٻولي انسان ذات سان گڏ وجود ۾ آيل آوازن، آوازي نشانين ۽ علامتن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي، هڪ اهڙو نظام آهي ۽ هڪ اهڙي تنظيم ۽ عمل آهي، جنهن جي مدد سان هڪ ئي سماجي گروهه جا ماڻهو، هڪ ٻئي سان وهنوار رکن ٿا، ۽ هڪ ٻئي کي سمجهن ٿا.“ (الانا: ٢٠٠٦ع: ٩) موجوده دور جي محققن پنهنجن ڇپيل ڪتابن، مضمونن، مقالن ۽ ادارن جي رپورٽن مان سنڌي زبان جي ابتدا ۽ ارتقا بابت مختلف عالمن جا اهم خيالات هڪ تسلسل ۾ ظاهر ٿيندا رهيا، انهن جي مطالعي مان هرهڪ استفادو حاصل ڪري اظهار پئي ڪيو آهي ته، سنڌي زبان جون پاڙون هن ڌرتيءَ جي پاتال ۾ اُونهيُون کتل آهن، جنهن متعلق ڪيترائي بحث مباحثا ٿيندا رهن ٿا ۽ نوان نوان انڪشاف پڻ آڏو اچن ٿا ته، ۽ الاهي امري حڪم سان ته:

”الله پاڪ انسان ذات کي ڳالهائڻ جي قوت انهيءَ لاءِ عطا آهي ته جيئن اُن ۾ سياڻپ، ڏاهپ، دانائيءَ، طاقت ۽ تخليق جي صلاحيت پيدا ٿئي. ان متعلق ڌار ڌار ملڪن ۽ مذهبن جي ماهرن ڌار ڌار رايا ڏنا آهن.“ (الانا، ٢٠٠٦ع: ١٠) انگريزن جي دور حڪومت کان اڳ ۾ به، سنڌي زبان لکي پڙهي ويندي هئي

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**



ليڪن اپياس مان جيڪا معلومات آڌو اچي ته، انهيءَ جي ڪابه هڪ صورت ڪانه هئي. انگريزن سنڌ فتح ڪئي ته،

”انهن حڪمرانن شروع شروع ۾، سنڌ جي پهرين چيف ڪمشنر سربارٽل فريئر، يورپي عملدارن لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ لازمي ٺهرايو هو، انهيءَ مراد سان ته اُهي ڏيهي ٻوليءَ جو اپياس ڪري رعيت سان لهه وچڙ ۾ اچن ۽ پرگڻي جو انتظام بخوبي هلائين. هن ڪم ۾ ڪيترن صاحبلوڪن گهڻي دلچسپي ڏيکاري، سنڌي ٻوليءَ جو ڳوڙهو اپياس ڪيائون ۽ محنت ڪري ٻوليءَ جي بنياد بنسبت کوجنائون ڪيائون. ڪن ته بلڪل ڪمائتا، عالماڻا ۽ بنيادي ڪتاب جهڙوڪ: وياڪرڻ، لغتون ۽ عام لوڪن جي واتان ٻُڌل نظم ۽ نثر ۾ قصا ڪهاڻيون قلم بند ڪري، باترتيب ڪتابي صورت ۾ آڻي شايع ڪيا.“ (منگهارام ملڪاڻي: ۱۹۹۳، ۸) جيئن ته، ٻوليءَ جو خالق عوام آهي، جنهن ڪري سماجي مطالعي کان سواءِ ٻولين جي اصليت کي سمجهڻ انتهائي مشڪل ڪم آهي. ٻولين کي سمجهڻ لاءِ لساني جاگرافي پڻ مددگار رهندي آهي.

”سماجي لسانيات جي مطالعي جو هڪ پهلو هي به آهي ته جڏهن ڪنهن به سماج ۾ هڪ کان وڌيڪ سماجي گروهن جا فرد هوندا ته اهڙيءَ حالت ۾ ٻولي تي ٻين سماجي گروهن جو اثر ضرور ٿيندو آهي، يعني ڪنهن به سماج کي، علم اللسان جي لحاظ کان، هيٺين لساني گروهن ۾ ورهائي سگهبو آهي .

- يڪ - لساني گروهه (Mono - Lingual Group)
- ٻه لساني گروهه (Bi - Lingual Group)
- اڪثريتي لساني گروهه (Multi - Lingual Group)
- اقليتي لساني گروهه (Minority - Lingual Group)

انهن يا اهڙن ٻين لساني گروهن جو تفصيلي مطالعو، سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو.“ (الانا:، ۲۰۲۰ع: ۱۳٤)

سنڌي ٻوليءَ جي قدامت کي پرکڻ ۽ جاچڻ لاءِ هر ڪو اُن جي علمي ۽ ادبي تاريخ مان استفادو حاصل ڪرڻ جي هرممڪن ڪوشش ڪري ٿو.

”هن وقت تائين آمريڪا، برطانيه ۽ روس ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. ايتري قدر جو سنڌي ٻوليءَ تي ايم اي، ايم فل ۽ پي ايچ ڊي لاءِ ڪيترائي تحقيقي مقالا پڻ پيش ڪيا ويا آهن. ٿي سگهي ٿو ته فار- ايسٽ جي ملڪن، جهڙوڪ: سنگاپور، جپان، ملائيشيا ۽ انڊونيشيا کان سواءِ، آفريڪا جي ملڪ سوڊان جي خرطوم يونيورسٽيءَ ۾ به ڪو اهڙو تحقيقي ڪم ٿيو هجي.“ (الانا، ۲۰۲۰ع: ۹۰)

”انگريزن جڏهن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪا مقرر ٿيل آئيوِيٽا ڪانه هئي. سنڌ جي هندن مان برهمڻ ۽ ٺورا ٻيا ديوناگري (شاستري)، اکر

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

ڪم آڻيندا هئا، جن جو اڳي ٻيو نمبر هو ۽ هاڻ ڪجهه قدر ڦريل آهي. سنڌ جا پائيبند هندو - سنڌي يا واڻڪا اکر ڪم آڻيندا هئا، جن ۾ لاڪنائون يا ماترائون ڪينهن ۽ پنجاب جي ”لنڊا“ يا ٻئن اکرن وانگر آهن، ڪيترا خواجا ۽ ميمڻ واپاري به اهي اکر ڪم آڻيندا هئا.“ (آڏواڻي، ١٩٩٨ع: ٢٥٨)

موجوده سنڌي زبان ٻاونجاه اکرن تي مشتمل آهي ۽ انهيءَ اکرن جي ترتيب سان، سنڌي زبان جو علمي ۽ ادبي ذخيرو لکجي ۽ محفوظ ٿي رهيو آهي. سنڌي ٻولي جي اوسر ۽ ارتقا بابت ڪن لساني ماهرن پاڻ ۾ ڪي اتفاقي ۽ اختلاقي ڳالهيون به ڪيون آهن ۽ ڪري رهيا آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته:

”زبان جي اوسر (Evolution) جي باري ۾ اسان کي پنهنجي زبان جي گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏاڪن يا مرحلن جو مطالعو ضرور ڪرڻ گهرجي. دنيا جي سڌريل زبانن جي چاڻن هي مرحلا معلوم ڪري ورتا آهن، پر اسان اڃا ڪا ڪوشش ڪانه ورتي آهي. (١) چچڻ وارو ڏاڪو، جنهن تي زبان پنهنجي انفراديت يا جدا وجود اختيار ڪندي آهي. اهاڳاله ياڏاڪو، چڻ زبان جو ڄم آهي. (٢) ٻولين جي چاڙهي جو ٻيو ڏاڪو آهي (Agglutination) ”نپ“ وارو ڏاڪو هن ڏاڪي تي آسان ۽ ننڍڙا لفظ وڏن لفظن ۾ ملي ويندا آهن، جيئن ڪنهن نپ قدم کيو هجين. هي ڏاڪو زبان جي ترقي ۽ شاهوڪاري جي طرف اهو قدم آهي. (٣) ٽيون ڏاڪو آهي (Flexation) يا سياويڪ ڦير ڦار وارو ڏاڪو. هن ڏاڪي تي زبانن ۾ نوان نوان لفظ ٺهندا آهن ۽ اهڙيءَ طرح زبان جو موجوده ذخيرو وڌي گهڻو ٿي ويندو آهي. هن ڏاڪي کي (Coinage) يا سڪن گهڙڻ وانگر لفظ گهڙڻ وارو ڏاڪو به چئبو آهي.“ (ٻوهيو، ٢٠٠٨ع: ٢٨)

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ بابت انگريزن جي دور کان اڄ تائين جيڪو ڪم ٿيو آهي تن ڪتابن، مضمونن، مقالن جي گهري اڀياس جي گهرج درڪار آهي، ڇاڪاڻ جو هي تاريخ هڪ سؤ پنجهتر سالن تي مشتمل آهي. ”ٻوليءَ جي تاريخ معنيٰ ٻوليءَ جي تبديلي جي تاريخ. ٻوليءَ ۾ تبديلي ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ آڻين ٿا، تنهنڪري جنهن ٻوليءَ جي تاريخ لکجي، تنهن ۾ پرڳڻي جي ماڻهن جو ذڪر ضرورڪجي.“ (پيرومل، ١٩٩٨ع: ٨)

سنڌي زبان جي تاريخ بابت ڪيترن ئي ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن جون لکتون ملن ٿيون جن کي اڀياس ڪرڻ جي ضرورت آهي.

”يورپي لوڪن ۾ هيءَ هڪ وڏو گڻ آهي، ته جنهن ملڪ ۾ وڃن، تنهن ملڪ جي ٻولي سکي، ان جو علمي خزانو ويهي ڦولين ته پنهنجي دل ۽ دماغ کي روشن ۽ من کي منور ڪريون.... عيسوي پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ پورچوگيزن، ڊچن، فرينچن ۽ انگريزن هڪٻئي جي پٺيان، واپار سانگي هندستان ۾ اچي ڪوٺيون وڌيون. ان وقت ڪي پادري به آيا، جن سنسڪرت تي گهڻو ڌيان

ڏنو، ته ٻوليون جن ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جي ساڳيا ڪيترن ئي يورپي ٻولين ۾ عام آهن، رڳو اچار ٿورو ڦريل اٿن - مثلاً:

| **سنسڪرت** | **سنڌي** | **فارسي** | **انگريزي** |
|---|---|---|---|
| ماتر | ماتا- ماءُ | مادر | مدر Mother |
| ڀراتر | ڀراتر- ڀاءُ | برادر | برادر Brother |
| دهتر | ڌيئا- ڌيءُ | دختر | ڊاٽر Daughter |
| نامن | نانءُ - نالو | نام | نيم Name |
| نوُ | نئون | نؤ | نيو New |

اهڙا ٻيا ڪئين لفظ آهن، جي گريڪ (يوناني) لاٽن، جرمن، فرينچ، انگريزي ۽ ٻين يورپي ٻولين ۾ عام آهن. لفظن جي هڪجهڙائي ڏسي حيران ٿيا، پر سمجهي نه ٿي سگهيا، ته ائين ڪيئن ٿيو آهي.“ (ڪاڪو ڀيرومل، ۱۹۹۸ع: ۲،۱)

جڏهن به ڪو ٻولين جو ماهر ڪنهن هڪ ٻوليءَ تي بحث ڪندو آهي ۽ زير بحث ٻوليءَ جي اندر ڪي منجهيل معاملا هوندا آهن تن کي سلجهائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ ڪن ٻين ٻولين کان مدد وٺبي آهي، پر انهيءَ لاءِ شرط اهو آهي جو زير بحث ٻوليءَ جو بڻ بنياد ۽ گرامر جي قاعدي مطابق صرفي ۽ نحوي بناوتون پاڻ ۾ ڪي قدر ملندڙ جلندڙ هجن. جن ٻولين جا مثال ڏنا وڃن تن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جي وچ ۾عوامي تعلقات، جاگرافيائي حدون، سياسي، سماجي ميل جول، ڪي علمي، سياسي، سماجي، ثقافتي، تاريخي، تهذيبي ۽ ادبي تعلقات ضرور هجن، انهيءَ کان سواءِ ٻولين تي بحث ڪرڻ بيسود ثابت ٿيندو. ٻئي ڳالهه ته، ڪنهن ايري غيري ٻوليءَ کي وچ ۾ آڻي بي سود بحثن کان پاسو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو ڪنهن به ٻوليءَ تي بحث ڪرڻ کان اڳ ۾، هي ڳالهه هرگز وسارڻ نه گهرجي ته، جنهن ٻوليءَ کي مرڪزي حيثيت ڏئي ٻين ٻولين سان ڀيٽ ڪري تقابلي جائزو ورتو وڃي تڏهن ٻولين جي وچ ۾مٿي ڏنل ڳالهيون ڌيان ۾ آڻڻ گهرجن. انهيءَ کانسواءِ ٻولين جي ڳانڍاپن کي گرامر جي روشنيءَ ۾ جانچيو ويندو آهي ته، انهن جي وچ ۾، فعلن، گردانن ۽ ضميري اڳياڙين ۽ پڇاڙين جو ڪهڙو تعلق آهي؟ تنهن کان پوءِ ئي ڪنهن نتيجي تي پهچي سگهبو. **مثال**: سنڌي زبان جو مطالعو ڪريون ٿا، اُن لاءِ ڏسنداسين ته، سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جا قديم زماني کان وٺي ڪنهن ڪنهن سان اچ وڃ، ڏيتي ليتي ۽ وٽج واپار رهيا آهن. ڇا ڏنائون ڇا ورتائون ۽ ڪنهن تي هلائون ۽ حملا ڪيائون ۽ ڪن ڪن جا حملا برداشت ڪيائون وغيره وغيره.

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

”علم اللسان جي ماهرن محنت ڪري ٻولين ڪي سمجهڻ لاءِ اصول ڏنا آهن:

- حاڪمن جي ٻوليءَ هجڻ
- ساڳي حڪومت
- سياسي حالتون
- سماجي ۽ مذهبي ميل جول
- وڻج واپار ۽ سياسي ناتا
- ساڳيون جاگرافيائي حالتون
- ساڳيون رسمون ۽ رواج
- باهمي شاديون
- آبادي ۽ لڏ پلاڻ.“ (الانا، ١٩٩٥ع: ٤)

سنڌي ٻوليءَ ڪي تاريخ جي تناظر ۾ جاچيندا‌سين ته، هتان جي سجاڳ ماڻهن جا ڪيترن ئي ٻين قومن جي ماڻهن، حڪمرانن، واپارين، حڪيمن، طبيبن، شاعرن، اديبن، مؤرخن، مذهبي اسڪالرن سان تعلقات رهيا آهن، انهن تعلقاتن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ تي ڪيترائي اثرات مرتب ٿيا آهن ۽ ٻيو ته، سنڌ تي ٻاهرين حملي آورن جي اثرن سبب به، سنڌي زبان تي ڪي اثرات نمايان نظر اچي رهيا آهن. عربن ۽ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن ۽ انگريزن جا سنڌ تي حملا ۽ حڪمرانيون ڪرڻ ڪري سنڌي زبان تي عربي، فارسي ۽ انگريزيءَ جو اثر ٿيو آهي.

”سنڌي ۾، فارسي ٻوليءَ جي دفتري ۽ سرڪاري زبان هجڻ واري حيثيت سبب، فارسي زبان جو، سنڌي جي لغوي ذخيري تي به وڏو اثر ٿيو هو. روز مره جي استعمال جا، سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ انتظامي اُمور وارا هزارن جي تعداد ۾ لفظ، سنڌي ٻوليءَ جي لغوي ذخيري ۾ شامل ٿي ويا. جيڪي پوءِ سنڌي لغات جو لازمي حصو بڻجي ويا.“ (الانا، ٢٠١٦ع: ١٦) سنڌي ٻولي جيڪا صدين جا سفر طئي ڪري اجوڪي صورت ۾ بيٺي آهي، جنهن ۾ هرقسم جو وکر موجود آهي، اهو علم وادب سماج کي سمجهه ۽ ساجاه ڏئي ٿو. هر ماڻهو کي گهر، پيٽ، اٽو، لٽو، صحت، روزگار جون سهولتون گهرجن، ته پوءِ ڇا اهي ضرورتون ٻولي پوري ڪري سگهندي.؟ هن دور ۾ هر شيءِ ۾ تڪڙيون تڪڙيون تبديليون ۽ نواڻ اچي رهي آهي. دعويٰ سان چوان ٿو ته، سنڌي زبان جو علمي، ادبي ۽ تخليقي ۽ تحقيقي ذخيرو اسان ۾ ذهني ۽ فڪري تبديلي آڻي، اسان کي گهر اڏڻ، پيٽ جو پوراءُ، لٽي ڪپڙي، زراعت واپار جي نون طريقن کان آگاهه ڪرائيندو جنهن سان اسين زرعي ميدان ۾ زرخيز زمينون آباد ڪري پاڻ کي خوشحال رکي سگهون ٿا ۽ ڪيترائي روزگار جا وسيلا پيدا ڪري سگهون ٿا. زمينن کي جيڪي روايتي هاري (Former) آهن، تن کي جديد تعليم ڏئي اڳتي آندو ويندو تڏهن هڪ پلي

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

ڳالهه ٿي پوندي. مرزا قليچ بيگ، علامه عمردائودپوٽي، علامه آءِ آءِ قاضي، محمد ابراهيم جويو، سيد غلام مصطفيٰ شاهه، ايم. ايڇ. پنهور ۽ ٻين روشن خيال عالمن سائنس، زميني علم، باغباني ۽ زراعت سميت ٻين موضوعن تي ڪي ڪتاب لکي ۽ ترجمو شايع ڪرايا آهن، اُهي ڪتاب، اسان جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ اڳڀرائي وارو قدم آهي.

”مسئلا ماڻهوءَ جي هنيائن ۾ هرن ٿا ۽ ڪنڊا ٿا چڀن. ”سيئي سيله (ڪنڊا) ٿيام پڙهيام جي پاڻان.“ انسان، سوچ جي انهيءَ چُڀڪي، هُرکُر ۽ دٻاءُ کي گهٽائڻ لاءِ وسيلو تلاش ڪيو هو ۽ آخرڪار اظهار جي وسيلي يعني ٻوليءَ جي مدد سان هن پنهنجي انهيءَ بارکي جهڪو ڪيوهو. اهڙيءَ ريت ٻوليءَ جي پهرين ضرورت يا بنيادي ضرورت آهي.“ (ٻوهيو، ۲۰۰۸ع: ۷٤، ۷۵) ٻوليءَ هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن سان سماج جا ڪيترائي مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. سنڌي زبان جو جيڪو لفظي ذخيرو آهي اهو اسان جي ڪاروهنوار ۾ مدد ڪري ٿو. طرحين طرحين جا لفظ ۽ جملا جيڪي سماج جي گهرج پوري ڪن ٿا. سنڌي زبان فني حوالي کان اجا به مسئلن ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿي، جنهن تي عالم ڳڻتي جو اظهار ڪري رهيا آهن! لسانيات جا ماهر پاڻ ۾ گڏجن ڪونه ٿا، هرڪو پنهنجي پنهنجي خيالن تي خيال جوڙي رهيو آهي. هرڪو چوي ٿو ته، منهنجي تحقيق درست آهي، بلڪل ايئن هوندي جيئن لساني ماهر چون ٿا.

**سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس (مقالا)**

ٻوليءَ جي اندروني مسئلن بابت، ڊاڪٽر آفتاب ابڙو رقم ٿو ڪري ته:
”سنڌي ٻوليءَ ۾ علت وارن حرفن (Vowel Letters) جو به عجيب نمونو آهي. اڌ عربيءَ جو ته اڌ اڱوٺو! اسان وٽ اڌ سر (Semi Vowel) گڏيل سر (Compound Vowel) توڙي گهڻن سرن (Nasal Vowel) جو خاص سرشتو متعين ناهي، رينگٽ جي آڌار تي هلون پيا. پنهنجن لفظن کي به صحيح صورتخطيءَ ۾ نه پيا لکون. مثلاً: ايئن/ ائين/ اينءَ/ آئون/ آءُ/ اجا/ اجان/ پئين پور/ پنءَ پور وغيره.“ (آفتاب ابڙو، ۲۰۱٦ع: ٥٦) مذڪوره حوالو جنهن ڪتاب تان ڪنيو ويو آهي، انهيءَ جو عنوان آهي’سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس‘. مذڪوره ڪتاب سنڌي ٻولي بابت هڪ معلوماتي ۽ لاجواب مقالن تي مشتمل آهي. جنهن ۾، سنڌ ۽ هند جي ڏاهن جا سترهن مقالا شامل ڪيل آهن. مذڪوره ڪتاب جا ٽي سؤ چار ئي صفحا تمام گهڻو ڌيان لهڻن ٿا، چاڪاڻ جو، مذڪوره ڪتاب ۾ ’سنڌي ٻوليءَ جي بقا، بچاءَ ۽ ترقي لاءِ ڪيل ڪوشش جو جائزو‘ جنهن ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا مفيد معلومات ڏني، سنڌي زبان جي ترقيءَ لاءِ ڪي اپاءَ ٻڌايا آهن. اهڙي طرح ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جو مقالو ’سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي ڪردار‘ اهميت جوڳو مقالو آهي. هن ڪتاب جي ٻين مقالا نگارن ۾، خير محمد ڪولاچي،

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

وينا شرنگي، گوورڌن ”گهايل“، نور احمد جنجهي، ڪلاڌرمتوا، الطاف جوکيو، شالني ساگر، ڪئلاش شاداب، رسول ميمڻ کان ويندي امر فياض ٻرڙو جو مقالو ’سنڌي ٻولي ۽ ڪمپيوٽنگ ٽيڪنالاجي‘، ڊاڪٽر جمال ۽ عبدالناصر چارڻ جو مقالو ’سنڌي ٻولي ۽ ڪامپيوٽر حرفت‘ شبير ڪنڀار جو ’سِنڌي ٻولي ۽ ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي‘، ڊاڪٽر چيتو لالواڻي جو ’سنڌي ٻاراڻي ادب جي اوُسر‘، پگهوان اَٽلاڻي جو ’ٻارت ۾ سنڌي ٻال ساهتيه (ٻاراڻو ادب‘ ۽ اهڙي طرح هن ڪتاب جو آخري مقالو قربان منگي جو ’ٻارن جي ادب جي تخليق ۾ ادارن جو ڪردار‘ اچي وڃن ٿا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ماهر ۽ مترجم**

ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي ته:”انگريزيءَ جي لفظ Dialect جي متبادل طور لفظ ”محاورو“ آندو ويو آهي. جيڪو اردو جي اثر ۾ پهاڪي واري معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي. پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ ”اپڀاشا“ لفظ استعمال ڪيو آهي، جڏهن ته ٻين عالمن مان ڪن ان کي ”ننڍي ٻولي“ ته ڪن ”ٻولي“ (جيئن _ ٿري ٻولي) ته ڪن وري ان کي لهجو سڏيو آهي، جيڪو وري Accent جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو. گهڻي وقت کان ان ڏس ۾ بحث هلندڙ آهي ته آخر Dialect ۽ Accent ۾ فرق ڪيئن ڪجي. يا ”ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي“ واري فرق کي ڇا چئجي.“ (فهميده حسين: ناشر ٻاران)، ڊاڪٽر فهميده حسين جو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ انهيءَ جي پس منظر تي، دور حالات جي روشنيءَ ۾نهايت ئي سنجيده نوعيت وارو تحقيقي ڪم نظر اچي ٿو. سندس تحقيقي ڪم کي ڏسي ايئن محسوس ٿي رهيو ته، هن اڪيلي سرايترو ڪم ڪيئن ڪيو آهي ۽ ڪيئن اوجاڳا ڪري، سنڌي ٻوليءَ بابت ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن جي ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن جو مطالعو ڪري، سنڌي ۾ ترجما ڪيا آهن. مطلب ته، اسان جڏهن ڏيهي ۽ پرڏيهي عالمن جي سنڌي ٻوليءَ بابت پيش ڪيل تحقيق بابت ويچاريون ٿا ته، ايئن چوڻو پوي ته، اسان جون تحقيقون ڪهڙي طرف وڃي رهيون آهن؟ جيڪو اسان کي ڪرڻ گهربو هو، سو ٻين ڪري ڏيکاريو ۽ ڪري رهيا آهن. هن وقت به، پرڏيهي عالم، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت مان اهو معلوم ڪري رهيا آهن ته، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد ڪهڙين ٻين ٻولين سان ملي ٿو؟ سنڌي زبان دنيا جي ٻولين جي ڪٿي ماءُ ته، نه آهي جنهن مان دنيا جون ٻوليون ڦٽي نڪتيون آهن. مغربي عالمن جا ذهن هرپرو اهڙين تهڙين معمولي شين ڏانهن نهاريندا ئي نه آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اها قدامت ئي آهي جو انهن جو ڌيان هن ٻوليءَ جي کوجنائن ڪرڻ ڏانهن ٿيو آهي، تڏهن ئي ته، پوڻن ٻن سون سالن کان وٺي، ڊاڪٽر گريئرسن، سرجان مارشل، رچرڊ برٽن، ڊاڪٽر آرنيسٽ ٽرومپ، ايچ ٽي سورلي کان ويندي ٻين ڪيترن ئي ٻولين جي ماهرن ’سنڌو لکت‘ بابت ايڪيهين صديءَ ۾ ٿيل نئين

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**



تحقيق بابت پنهنجا پنهنجا ڪتاب، مقالا ۽ مضمون رقم ڪيا ۽ ڪري رهيا آهن. مون کي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ استاد جي حيثيت ۾، انهيءَ ڳالھ جي خوشي ٿي رهي آهي ته، ڊاڪٽر فهميده حسين مبارڪن جي لائق آهي جو هن، جي. اي گريئرسن جي ڪتاب "Linguistic Survey of India" کي سنڌي ٻوليءَ ۾'برصغير جي ٻولين جو ٻولين جو لسانياتي جائزو' جي عنوان سان ترجمو ڪيو آهي. مذڪوره ڪتاب کي، سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سن ٢٠٠٠ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي. هي ضخيم ڪتاب ست سئو صفحن تي مشتمل آهي، جنهن جو ملھ پنج سئو روپيا رکيل آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين جي سنڌي ٻوليءَ سان دلچسپيءَ جو هي ڪتاب هڪ منفرد مثال آهي. "هيءُ ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي ٻڻ ٻٽياد، ارتقاء توڙي بنيادي سٽاءَ ۽ ساخت يا گرامر جي بيان جي سلسلي ۾، هڪ بنيادي ۽ اهم ڪتاب آهي....سرگريئرسن جي هڪ سئو سالا پراڻي نظريي تي نئين سر نظر وڌي وئي آهي، ۽ نتيجا پيش ڪيا ويا آهن." (مهاڳ: ۵) مذڪوره ڪتاب جي مهاڳ ۾، ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته: "سنڌي ٻوليءَ بابت مختلف ماهرن جي نظرين جي اپپاس سرگريئرسن، برصغير جي ٻولين جي باري ۾ جيڪي نظريا پيش ڪيا هئا، سي اُن وقت (١٩١٩ع) ته، بلڪل تازا ۽ نئين سوچ وارا پئي لڳا، پر پوءِ جيئن جيئن لسانيات جي موضوع تي يورپ، امريڪا ۽ برصغير ۾ ماڻهن جو مطالعو وڌندو ويو ۽ نوان ڪتاب مارڪيٽ ۾ ايندا ويا، تيئن تيئن ٻين موضوعن سان گڏ علم التاريخ ۽ علم الانسان وارن موضوعن تي ماڻهن جي سوچ ويچار ۾ به انقلابي تبديليون آيون." (الانا: ۵، ۶)

ڊاڪٽر فهميده حسين جو هڪ ڪتاب '**سنڌو لکت ايڪيهين صديءَ ۾ ٿيل نئين تحقيق**' جي عنوان سان ستن مقالن جو مجموعو آهي، جيڪو پڻ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري پيش ڪيوويو آهي.

مذڪوره ڪتاب ۾ مقالا آهن: اسٽيو فارمر، رچرڊ اسپروٽ ۽ مائيڪل وٽزل جو 'سنڌو رسم الخط بابت دعويٰ جو ڊهي پوڻ ۽ پڙهيل لکيل هڙپائي تهذيب جو افسانو'، (The Collapse of the Indus – Script Thesis: The Myth of a Literature Harappan Civilization) آسڪوپرپولا جو'چا سنڌو رسم الخط واقعي ۾ لکڻ جو سرشتو ڪونهي؟'، (Is the Indus Script Indeed not a Writing System?) راجيش رائو ۽ ساٿين جو 'سنڌو رسم الخط، پيغام رسانيءَ جي صلاحيت جي تورتڪ ۽ ٻولي _ آر. اسپروٽ کي جواب' (Entropy, the Indus Script and Language: A reply to R. Sproat) (نشايادَو ايم وهيا جو 'سنڌو رسم الخط: نشانين جي نمونن جومطالعو'، (Indus Script: A Study of its Sign Design) اِروٿم مهاديون جو 'غير لساني سنڌو

ماخذ تحقیقی مجلہ
ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

رسم الخط _ هڪ اجايو بحث‘ (The Indus ‘non – script’ is a non – issue) راجوٽ. اين. پال جو ’سنڌو _ سرسوتي رسم الخط جي پاڃ تي هڪ نئين روشني‘ (A New Light on the Decipherment of Indus Saraswati Script) ۾ مذڪوره ڪتاب جو ستون ۽ آخري مقالو آهي، ڊيوڊ زيڪس جو ’ڇا ڪمپيوٽر پنج هزار سال پراڻي ٻوليءَ جي پاڃ ڪري سگهن ٿا؟‘ (Can Computers decipher a 5000 year – old Language?)، انهيءَ کان پوءِ ڪتاب جي آخر ۾ ٻن ماهرن، آسڪو پرپولا ۽ اروٿم مهاديون جا انٽرويو شامل ڪيا ويا آهن. مذڪوره ڪتاب جا ٻه سؤ چوويهه ئي صفحا قيمتي معلومات سان آراسته ٿيل آهن ۽ هر هڪ مقالي ۾ ڏنل معلومات ڏيان لهڻي ٿي. ڊاڪٽر فهميده حسين هن ڪتاب ۾، پيش ڪيل مقالن کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري سچ پچ ته، سنڌي ٻوليءَ جي گهڻگهرن تي هڪ وڏو احسان ڪيو آهي.

**عالمن جون تحقيقون**

”مادري زبان طور هڪ وسيع جهان آهي. ڳالهائڻ وارا اُن جا محافظ آهن. اُهي غير شعوري طور چڻ زبان کي ترقي ڏيارڻ ۾ مصروف آهن. عالم ۽ اسڪالر شعوري طور زبان جي وسعت ۽ باريڪين کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.“ (جوڻيجو, ٢٠٠٨ع: مهاڳ) ڪنهن به موضوع تي تحقيق کان اڳ ۾ ذهن ۾ خاڪو تيار ڪرڻ گهرجي، نه ته، انهيءَ ڪم جا درست نتيجا حاصل ٿي نه سگهندا، ڇاڪاڻ جو تحقيق جو اصول آهي ته، پراڻا ليکا ڪٿا نه هوندا آهن، پر دورحاضر جي حالات ۽ واقعات کي مدنظر رکي پنهنجي حصي جي نئين تحقيق جو نئون رنگ ڍنگ پيش ڪرڻو هوندو آهي. ايئن به ضرور آهي ته، نئين تحقيق پراڻي تحقيق جي روشنيءَ ۾ اسرندي آهي، انهيءَ کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي. مذڪوره مقالو سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي تاريخ سان تعلق رکي ٿو، ليڪن اُن ۾ اهو ٻڌائڻ به، ضروري سمجهيو ويو آهي ته، هن وقت سنڌي ٻوليءَ جي اکرن کان ويندي صورتخطيءَ تائين اسان جي عام توڙي خاص پڙهندڙن جا ڪهڙا رايا آهن، تن جي روشنيءَ ۾ درپيش مسئلن جي نشاندهي ڪري رهيا آهيون. سنڌي الف _ ب کان ويندي لفظن جي صورتن ۽ صورتخطي ۽ گرامر جي مذڪر توڙي مؤنث جا مسئلا موجود آهن. سنڌي پٽيءَ ۾، ڪي اکر اهڙا به آهن جن تي ڪيترن عالمن، اديبن ۽ محققن جو اعتراض آهي ته، انهن اکرن مان ڪنهن به هڪ اکر جي صورت مقرر هجي مثلاً: ف، ڦ، ذ، ز، ظ، ض، س، ث، ت، ط، ق. ڪ، خ، ک، ح، ه وغيره ۽ اچ تائين همزو ”عه“ جي شڪل ۽ صورت کي به نه سمجهي سگهيا آهيون. اهڙا مسئلا حل ڪرڻ گهرجن ۽ انهن جو حل سنڌي صورتخطي ۾ موجود آهي، ليڪن سمجهي نه ٿا سگهون، ڇاڪاڻ جو سمجهائڻ وارا به ڳالهيون گول مول ڪري جان ڇڏائن ٿا. هي هڪ سچ به آهي ۽

حقيقت به، سنڌي زبان جي عالمن جون وڏيون خدمتون آهن، ليڪن انهن جي ڪتابن جو مطالعو نه ڪرڻ جي ڪري مسئلا نظر اچن ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻيا عالم جن انهيءَ موضوع تي فخر جوڳو ڪم ڪيو آهي.

”سنڌي زبان جي ”بڻ بنياد“ تي تاريخي لسانيات (Historical Linguistic) تي ڪافي زماني کان بحث هلندڙ آهي. ڪن بزرگن ته انهيءَ سلسلي ۾ جذبات کان ڪم ورتو آهي، ۽ سنڌيءَ جي موجوده تحريري صورت کي بنياد وٺي، پنهنجو هڪ مخصوص نظريو قائم ڪيو اٿن. انهن صاحبن روز مره واري ٻولي (Spoken Language) جي ساخت ۽ سٽاء توڙي صرف _ ونحو جو جائزو تشريحي لسانيات (Descriptive Linguistic)) جي روشنيءَ ۾ نه ورتو آهي. اگرچه ڪن صاحبن هن ڏس ۾ _ پنهنجي نظر ڊوڙائڻ جي ڪوشش ڪئي به آهي، پر انهن جا نتيجا به محض ظني آهن، جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو سنڌي آوازن (Sounds) ۽ انهن جي تحريرٽيل صورتن (Written Symbols) کي هڪٻئي ۾ منجهايو ويو آهي، ۽ صوتياتي اصولن تحت سنڌي آوازن جو جائزو نه ورتو اٿن. ساڳي حالت سنڌي صرف _ نحو جي به ڪئي ويئي آهي. نه صرف سنڌي صوتيات جي نظام جو مطالعو غير اطمينان بخش آهي، پر سنڌي صرف _ نحو کي به عربي ۽ انگريزي صرف _ نحو جي روشني ۾ جاچڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن.“ (الانا، ١٩٩٣ع؛ ١٠) سنڌي ٻوليءَ بابت هن وقت تائين ڪيترن ئي هندو سنڌين ۽ مسلمان سنڌي عالمن سنڌي لسانيات بابت ڪيترائي جامع ڪتاب، مقالا ۽ مضمون رقم ڪيا آهن، ۽ انهن معلوماتي لکڻين تي بحث مباحثا به ٿيا آهن. سنڌي زبان جي اصل نسل جي کوج لاءِ سنڌي ويا ڪرڻ جو سهارو وٺي اُن جي روشني ۾ پنهنجي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيوويو آهي. جيڪڏهن اسان اڄ جي دور جي لساني حوالي سان ڪيل تحقيق جو اڀياس ڪنداسين ته، اِنهيءَ ڪم ۾ تشنگي محسوس ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ جو لساني ماهرن پنهنجي تحقيق ۾ اهو ڪو نه ٻڌايو آهي ته عربي _ سنڌي صورتخطي جي شروعات ڪهڙي دور ۽ ڪهڙين حالتن ۾ ٿي، اهي ڪهڙا اسباب هئا جو عربيءَ جا لفظ سنڌي زبان جي دامن ۾ داخل ٿيا.

”عرب سياحن جي سفر نامن نه فقط سنڌ جي ثقافت، وڻج واپار، علم ادب ۽ ٻين ڳالهين کي لکت ۾ ثبوت طور پيش ڪيو آهي، پر انهن سفر نامن مان سنڌي ٻوليءَ، ۽ ان ڪم لاءِ ايندڙ ’لکتن‘ جي نمونن بابت ۾ پتو پوي ٿو. جا حظ، ابن نديم ۽ البيرونيءَ جي احوالن مان ثابت ڪيو ويو آهي ته اسلام جي آمد وقت سنڌي ٻولي نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اُها ڏار ڏار رسم الخطن ۾لکي به ويندي هئي.“ (الانا، ١٩٩٣ع؛ ٣١)

موجوده دور جي اڪثر محققن وٽ عربي ۽ فارسي ٻولين جي معلومات ڪونهي، جنهن ڪري بنيادي ماخذن تان معلومات نون محققن تائين نه ٿي پهچي، جنهن ڪري ساڳيون ڳالهيون بار بار ورجاءُ طور مل ٿيون. مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ يا مرحوم ڊاڪٽر غلام علي الانا عربي، فارسي، انگريزي، هندي ۽ ٻين ٻولين جا ماهر هئا جنهن ڪري انهن بنيادي ماخذات کي هٿ ڪري پنهنجي مطالعي کي مستند بڻائيندي باريڪبينيءَ سان ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين کي آڏو رکي تن کي چنڊي ڇاڻي پيش ڪيو آهي. سنڌي زبان جي اصل نسل ڳولڻ لاءِ، ديوناگري، خواجڪي سنڌي، خدا وادي، شڪارپوري، سکر، لوهاڻا، ڀاٽيا، لاڙائي، ونگائي، راجائي، ٺٽائي، خدا آبادي، سيوهڻ، ميمڻڪو ۽ ڍاڪٽي لهندا وغيره وغيره خطن جا نمونا ڏئي مثالي تحقيق پيش ڪئي آهي. ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتاب ’سنڌي صورتخطي‘ جي اڀياس مان معلوم ٿيو ته، ڊاڪٽر الانا مرحوم موجوده سنڌ جي لساني جاگرافي کي ذهن ۾ رکي پنهنجي مطالعي کي بنيادي ماخذات سان سرشار ڪري مثالن، دليلن ۽ مشاهدي جي روشني ۾ جيڪي نتيجا اخذ ڪيا آهن تن کي ڏسي هڪ طرف سندس ڪم تي سرهائي محسوس ٿئي ٿي ته، ته ٻئي طرف انهن اسڪالرن تي افسوس پڻ ٿئي ٿو، جيڪي گهر ويهي رڳو ڪتابي بنيادن تي تنقيدن جا تير وسائن ٿا، پر انهن وٽ نه ڪي سنڌ جي لساني جاگرافي جو مطالعو آهي ۽ نه وري ذاتي مشاهدا آهن! ڊاڪٽرالانا لکي ٿو ته: ”سنڌي لفظن کي عربي رسم الخط ۾ لکڻ جو رواج يا ابتدا البيرونيءَ جي آمد واري دور (١٠١٠ع _ ١٠٣٠ع) کان گهٽ۾ اڳ ٿي چڪي هئي. البيروني ١٠١٧ع کان ١٠٣٠ع واري عرصي ۾ هت سنڌ ۾ منصوره ۾ آيو، جڏهن ته ڀهريون سياح جا حظ جنهن جو احوال ٨٦٤ع ۾ ملي ٿو، يعني البيرونيءَ جي اچڻ کان اڳ ١٥٣ سال اڳ جا حظ کان پوءِ هڪبئي پٺيان ٻيا سياح به آيا، جيئن اصطخريءَ جو سن ٩٥١ع آهي. ابن حوقل جو سن ٢٤٥ھ/ ١٦ _ ٩١٥ع ڌاري سنڌ ۾ آيو. بشاري مقدسيءَ جي تصنيف جو سن ٩٥٨ع/ ٣٧٥ھ آهي، ابن نديم ٣٧٧ھ/٨٦ _ ٩٨٥ع ڌاري سنڌ جو احوال لکيو، پر البيرونيءَ جو احوال ١٠١٧ع کان ١٠٣٠ع جو آهي، انهيءَ سڀني سياحن، مؤرخن، ماهرن ۽ جاگرافيدانن جي سفرنامن ۽ تذڪرن مان نه فقط سنڌ جي ثقافت، وڻج واپار، علم ادب ۽ ٻين ڳالهين کي لکت ۾ بيان ڪيو ويو آهي، پر انهن سفرنامن مان سنڌي ٻولي، ان لاءِ ڪم ايندڙ رسم الخطن جي تعداد جي باري ۾ پڻ خبر پوي ٿي ۽ البيرونيءَ ته انهن رسم الخطن جا نالا به ڏنا آهن.“ (الانا، ١٩٩٣ع؛ ٤٧)

**سنڌي صوتيات**

ڊاڪٽر الانا جو ڪتاب ’سنڌي صورتخطي‘ هڪ معياري ڪتاب آهي جنهن جو چوٿون ڇاپو، راقم الحروف جي مطالعي هيٺ آهي، ڪتاب جي اڀياس

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

مان هي نتيجو آڏو آيو آهي ته، الانا مرحوم جي تحقيق جو بنياد مضبوط، مربوط، علمي ۽ عملي بنيادن تي رکيل آهي جو هڪ سائنسي تحقيق جي اصولن مطابق آهي. هرهڪ شيءِ کي دليلن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪري نتيجو اخذ ڪيو اٿس. هيءُ سمورو ڪتاب هڪ سؤ ستونجاهه صفحن تي مشتمل آهي، جيڪو سنڌي صوتيات جي علم ۾ وڏي اڳڀرائي آهي. هن ڪتاب کي پنجويهه سنڌي ڪتابن، مضمونن ۽ مقالن، ۽ اٺن اردو ڪتابن ۽ اوڻيهه انگريزي ڪتابن جي ببليوگرافيءَ جي روشنيءَ مان تيار ڪيو ويو آهي.

**فتح نامه سنڌ عرف چچنامو**

”سنڌ جي تاريخ بابت هي پهريون مڪمل ڪتاب آهي. هي ڪتاب اصل عربيءَ ۾ لکيو ويو هو، جنهن جو فارسي ترجمو ۶۱۳ھ/ (۱۲۱۶ع) ۾ ٿيو. هن ڪتاب ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ جي ماڻهن، ماڳن، دريائن، ندين ۽ ڍندن، قومن ۽ ذاتين جا نالا عربي _ سنڌي حروف تهجي ۾ ڏنل آهن. ٻين عربي ڪتابن ۾ سنڌ جي ڳوٺن، ماڻهن، دريائن، ماڳن ۽ مڪانن جا نالا عربي _ سنڌي رسم الخط جي نموني ۾ لکيا ويا آهن، پر هن ڏس ۾ سڀ کان وڏيڪ اهم ڪتاب چچنامو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا هزارين لفظ، عربي _ سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهن.“ (الانا، ۱۹۹۳ع؛ ۴۹)،

**البيروني جي ڪتاب ”الهند“ ۾ ڏنل سنڌي لفظ**

”چچنامي کان پوءِ گھٽي ۾ گھٽا نج سنڌي لفظ محقق البيرونيءَ بيان ڪيا آهن. هن جو ڪتاب ’ڪتاب الهند‘ ته سنڌ ۽ هند جي سماجي ۽ ثقافتي تاريخ آهي، جنهن ۾ ڳاڻيٽي جي انگن اکرن کان سواءِ، ڏينهن، هفتن، مهينن ۽ رنگن جا نالا، علم هئيت جا لفظ، گروهن ۽ سيارن جا نالا، طرفن ۽ ڏسن جا نالا، مهل ۽ گھڙيون، جدولون، مفاصلي جي ماپ لاءِ لفظن جون لڙهيون وغيره وغيره ڏنيون آهن.“ (الانا، ۱۹۹۳ع: ۶۴) ڊاڪٽر غلام علي الانا، پنهنجي ڪتاب ’سنڌي صورتخطي‘ ۾ ڏهن صفحن ۾، انهن لفظن متعلق معلومات ڏني آهي ۽ فوٽ نوٽ ۾ ڪن ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن.

**موجوده درو ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش مسئلا**

سنڌي زبان، دنيا جي قديم ٻولين ۾ هڪ اهڙي زبان آهي، جنهن جي خزاني ۾هر قسم ۽ نموني جو علم ۽ ادب موجود رهيو آهي. جڏهن انگريزن جي دور ۾ سنڌي زبان هڪ پڪي پختي شڪل ۾ جڙي راس ٿي، تڏهن اجا به اُن جي علمي ادبي ذخيري ۾ نون علمن جو واڌارو ٿيو ۽ نتيجي ۾ سنڌي زبان جي تاريخ تي ڪيترائي نظريا جڙڻ لڳا ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت ڪيترائي بحث مباحثا ٿيندا رهيا آهن. ”حقيقت ۾ انگريزن جي اچڻ کان پوءِ ئي سنڌي ٻولي، هر شعبي ۾ ترقي ڪئي.“ (الانا، ۲۰۱۶ع؛ ۱۶، ۱۷)

## نتيجو

سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا ۽ ارتقا لاءِ، سنڌ جي علمي ۽ ادبي ادارن جو مکيه ڪردار نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ انهن ادارن سنڌ جي علم ۽ ادب جي ميدان ڪي سرگرم رکڻ لاءِ ڪيترن ئي عالمن جي علمي ۽ ادبي شهپارن ڪي شايع ڪري قوم ڪي پنهنجي ادبي سرمايي بابت آگاهي وارو ڪم ڪري ڏيکاريو. سنڌي زبان ۽ ادب جي ترقي ۽ ترويج لاءِ، جتي سرڪاري ادارن پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪري رهيا آهن يا ڪيو آهي اُتي نجي اشاعتي ادارن به پنهنجو پاڻ موکيو آهي. سرڪاري ادارن جي ادبي ڪمن بابت جڏهن نظر ڪجي ٿي ته، انهن جو برابر ڪم ته اهميت جوڳو آهي ليڪن جيئن ۽ جهڙي نموني اهو ٿيڻ گهرجي اهو ڪونه ٿي رهيو آهي. اسان جو قومي ادارو سنڌي ادبي بورڊ جيڪو علمي، ادبي، قومي ۽ اخلاقي ڪتاب شايع ڪري، سنڌي ادب کي مالا مال ڪري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح سنڌ جي مختلف يونيورسٽين ۾ سنڌي شعبا قائم ڪيل آهن، جتي سنڌي ٻوليءَ ۾ اعليٰ تعليم ڏني وڃي ٿي. انهن شعبن مان تحقيقي جرنل به شايع ٿي رهيا آهن. اسڪولن، ڪاليجن ۾ سنڌي زبان پڙهائي وڃي ٿي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي توڙي جو اڄ ڪان ٽيهه سال اڳ پهرين سيپٽمبر، ۱۹۹۱ع تي قائم ٿي چڪي آهي، اُن جي علمي ڪم تي به سوچي سگهجي ٿو. ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو جنهن جي ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ڪافي ترقي طرف گامزن آهي پر انهن ادارن هجڻ جي باوجود به، سنڌي زبان مسئلن جو شڪار رهي ٿي. سنڌي ميڊيا ۾ جهڙيءَ طرح سان ٻوليءَ جو استعمال ڪيو وڃي ٿو، انهيءَ لاءِ ڪابه رنڊ روڪ ڪونهي. اڻپڙهيل عوام کي ته، ڪوبه روڪي نه ٿو سگهي، ليڪن پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن جو به انهن کي درست ڪرڻ جو نه اختيار آهي، نه وس! سنڌي زبان جو مختلف چينلن تي جنهن انداز سان ٻوليءَ جو استعمال ٿي رهيو آهي سو عمل به ڏکائيندڙ آهي ۽ بي رحماڻا استعمال کي ڏسي صدمو پهچي ٿو.

حوالا


١. ابڙو، آفتاب، ڊاڪٽر: ٢٠١٦، ’سنڌي ٻوليءَ جوتاريخي ڪردار‘ (مقالو) ڪتاب _ سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس _ (مقالا)، ترتيب ۽ تدوين: پروفيسرفهميده حسين ۽ پروفيسرمحمد سليم ميمڻ، حڪومت سنڌ، ثقافت ۽ سياحت کاتو.
٢. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: ١٩٩٣، _ سنڌي صُورُتخطي _ (ڇاپو ڇوٿون)، پاڪستان، سنڌ، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو.
٣. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: ١٩٩٥، _ سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي _ (پهريون ڇاپو)، ڄام شورو، يونيورسٽي آف سنڌ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.

ISSN(**Print**): 2709-9636 | ISSN(**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber2021)**

٤. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: ٢٠٠٦، _ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا _ (ڇاپو پهريون)، سنڌ، پاڪستان، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
۵. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: ٢٠١٦، 'سنڌي ٻوليء جي بقا بچاء ۽ ترقي لاء ڪيل ڪوشش جو جائزو' (مقالو) ڪتاب _ سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس _ (مقالا)' ترتيب ۽ تدوين: پروفيسر فهميده حسين ۽ پروفيسر محمد سليم ميمڻ، حڪومت سنڌ، ثقافت ۽ سياحت کاتو.
۶. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: ٢٠٢٠، _ سنڌي لسانيات تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو _ (پهريون ڇاپو)، سنڌ، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
٧. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند: ١٩٩٨، _ سنڌي ٻولي جي تاريخ _ (پنجون ڇاپو) سنڌ، حيدرآباد، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ.
٨. ٻوهيو، الهداد، ڊاڪٽر: ٢٠٠٨، _ سنڌي ٻوليء بابت مقالا ۽ مضمون _ (جلد -٣) مرتب: آزاد انور ڪانڌڙو، سنڌ حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
٩. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر: ٢٠٠٨، _ لاڙي ۽ ڪڇي _ سنڌيءَ جا ٻه محاورا _ سنڌ، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
١٠.جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر: ٢٠٠٩، 'سنڌيءَ جو ٻڻ بنياد' (مقالو)، (سنڌي ادب:)، سنڌ الاجيءَ جو ساليانه تحقيقي جرنل، جلد: ٢٣، سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.
١١.فهميده حسين، ڊاڪٽر، (مترجم)، ٢٠٠٠، _ برصغير جي ٻولين جو لسانياتي جائزو _ سنڌ حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
١٢.ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر: ١٩٩٣، _ سنڌي نثر جي تاريخ _ (ڇاپو ٽيون)، حيدرآباد/ ڪنڊيارو، روشني پبليڪيشن.